شمارو 10 ، جون 2010

# راند روند ۾

## اچو تہ راند روند ۾ سکون




## جانورن جا حقَ



پيارا ٻارو ! هن شماري ۾ جانورن سان ٿيندڙ خراب سلوڪ بابت ڳالهيون ڪنداسين. روزانو اسان جا گهڻا دوست ڪاڌ خوراڪ جي ڳولا ۾ يا پنهنجي مالڪ جي لاءِ انتهائي ڳرو سامان ڍوئيندي تمام گهڻين ڏکيائين جي ور چڙهن ٿا. اچو ڏسون تہ پاڻ پنهنجي دوستن جي مدد ڪيئن ڪري سگهون ٿا.

### هن شماري جي دلچسپ مواد ۾ شامل آهي

- ڪهاڻي : جانور اسان جا دوست
- سرگرميون
  - پالتو جانور ۽ انسان هڪجهڙيون ضرورتون
  - گهريلو جانور ۽ جهنگ جا جانور
  - جانورن سان بهتر سلوڪ ڪرڻ
  - جانور ۽ انهن مان حاصل ٿيندڙ فائدا
  - رستو ڳولهيو
  - نقطا ملايو
  - جانور ۽ انهن جي رهڻ جي جاءِ
- اوهان جي ڄاڻ جي لاءِ
  - جانورن سان ٿيندڙ ظلم کي روڪڻ ۾ اسان جي مدد ڪريو

نوٽ: هن شماري ۾ گهڻي قدر معلومات ننڍن ٻارن ۽ ناخوانده والدين جي آسانيءَ لاءِ تصويرن جي ذريعي سمجهائي وئي آهي. پر ڪجهه معلومات سمجهڻ لاءِ ٻارن کي استادن جي مدد ۽ رهنمائيءَ جي ضرورت پوندي.

هي شمارو آر سي سي –اِي سي ڊي پروگرام تحت آغا خان فائونڊيشن ۽ ايمبيسي آف دي ڪنگڊم آف دي نيدر لينڊ جي تعاون سان تيار ڪيو ويو آهي .

RCC Releasing Confidence & Creativity — AN EARLY CHILDHOOD DEVELOPMENT PROGRAM

طباعت ۽ اشاعت: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن

# جانور اسان جا دوست آهن

1



هر شام انب جي پراڻي وڻ هيٺان ويهي ڪچهري ڪرڻ گوشي ۽ ڪاچو جو پسنديده مشغلو هو. هڪ شام هو پنهنجي مند پسند جاءِ ڏانهن ويا پئي تہ هنن جي نظر ٻارن جي ٽولي تي پئي جيڪي انب جي وڻ جي چوڌاري بيٺي انبَ ڇاڻڻ لاءِ وڻ جي شاخن ڏانهن پٿر ۽ ڪاٺيون اُڇلائي رهيا هئا، ان دوران اوچتو هڪ پٿر وڻ جي شاخ تي موجود آکيري کي لڳو؛ ان کان پهرين جو آکيرو اچي هيٺ ڪري گوشيءَ بنا دير جي ان کي پنهنجي هٿن ۾ جهپي ورتو.

2




ٻار اتان ڀڄڻ لڳا ڇو تہ آکيري ۾ بيضا پڻ هيا جيڪي آکيري سان گڏ هيٺ ڪريا جنهن سبب ڪانون وڻ جي چوڌاري اڏامندي ڪانءِ ڪانءِ ڪرڻ شروع ڪئي. گوشي هڪدم وڻ تي چڙهي آکيرو احتياط سان رکيو. گوشي ۽ ڪاچو واپس وڃڻ لڳا تہ هنن جي نظر مانو ٻلي تي پئي جيڪا منڊڪائي هلي رهي هئي ۽ ڪجھ شرير ٻار مانو ٻلي کي پٿر هڻي رهيا هئا.

3




گوشي ٻليءَ کي ڪڇ ۾ کنيو ۽ ڪاچو سان گڏجي ٻئي طرف هلڻ لڳو. جيئن ئي ٻئي اڳتي وڌيا انهن هڪ گڏھ گاڏو ڏٺو. ٻنهي هڪ ئي وقت سوچيو تہ گاڏي تي سوار ٿي اڳتي وڃجي پر گڏھ گاڏو تمام گهٽي سامان سان سٿيل هو. گوشي کي گڏھ جي اها حالت ڏسي تمام گهڻو ڏک ٿيو.

4




پوءِ هو پيادا اڳيان وڌيا، ٿورڙو ئي پرڀرو مس هليا تہ گوشي ۽ ڪاچو کي تماشو ڏيکاريندڙ ماڻهو جي ڊٻليءَ جي ڊم ڊم وارو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ٻنهين هڪدم پولڙي ڏانهن نهاريو، ٻنهين کان ٿڌو ساھ ڇڏائجي ويو، ڇاڪاڻ تہ اُج ۽ بک ۾ پولڙي جي زبان ٻاهر نڪري آئي هئي ۽ هو تمام هيٺو ۽ بي سُتو نظر پئي آيو.

5




گوشي ۽ ڪاچو کي پنهنجي دوستن جي حالت تي تمام گهڻو افسوس ۽ ڏک رسيو.

6




گوشي ۽ ڪاچو جڏهن اسڪول پهتا ته انهن مانوءَ کي هيٺ لاهي وچڙ ڏنو پر ٻئي دلي طرح ٻليءَ جي لاءِ پريشان هيا.

7




سعديا ۽ حارس کي گوشي ۽ ڪاچو پريشان نظر آيا. انهن جي پريشاني کي ڏسي ٻئي ڇٽا پريشان ٿي ويا ۽ سوچيائون ته انهن کان سندن پريشاني پڇجي.

8




گوشي ۽ ڪاچوءَ ٻڌايو ته آڄ اسڪول واري رستي تي انهن ڇا ڇا ڏٺو.

9




اتي بيٺل ٻيا ٻار پڻ ان ڳالهہ تي راضي ٿيا انهن سڀني کي جانورن سان غلط سلوڪ واري رويي تي افسوس ٿيو. صفيہ جي صلاح انهن کي پسند آئي ۽ انهن چاهيو پئي تہ اهي پنهنجي دوست جانورن جي مدد ڪن.

10



ٻارن پنهنجي ارادي بابت استادن کي ٻڌايو. استاد ريلي جي سلسلي ۾ ٻارن کي چارٽ ۽ پوسٽر تيار ڪرڻ ۾ سندن مدد ڪئي، ان دوران گوشي ۽ ڪاڇو سڀني جانورن کي ميدان ۾ گڏ ٿيڻ لاءِ چيو.

11




ان شام جو ٻارن ۽ جانورن گڏجي ڪميونٽي جي ميدان ۾ جانورن جي حقن بابت مظاهرو ڪيو. ڪيترن ئي ٻارن جا والدين ان موقعي تي ساڻن گڏ آيا هئا. اهي ٻار جيڪي منجهند جو مانوءَ ٻليءَ جي پٺيان ڊوڙي رهيا هئا ۽ جن ڪانو جي آکيري کي هيٺ ڪيرايو، سي سڀئي ميدان جي هڪ ڪُنڊ ۾ بيٺا هئا ۽ پنهنجي ڪيل حرڪتن تي ندامند هئا.

12



ريلي ڪانپوءِ سڀئي ٻار ۽ جانور استاد جي چوڌرد گڏ ٿي بيٺا جيڪو انهن ٻارن جا نالا لکي رهيو هو جيڪي جانورن کي پالڻ چاهين پيا. گوشي ۽ ڪاڇو تمام گهڻا خوش ٿيا تہ انهن جي پاڙيسري جانورن کي آخرڪار گهٽو ڏيان ۽ گهر مليو.

ٻارو! جانور اسان جيان زندگي گذارين ٿا تنهنڪري انهن جي سنڀال، حفاظت ۽ انهن کي تنگ نہ ڪرڻ اسان جو فرض آهي جنهن سان الله سائين خوش ٿيندو آهي.

## سرگرمي نمبر 2

انهن جانورن تي نشان لڳايو جن کي گهر ۾ پالي سگهجي ٿو، پوءِ اِن تي بحث ڪريو تہ جن جانورن جو واسطو جهنگ سان آهي انهن کي گهر ۾ ڇو نٿو پالي سگهجي.



# سرگرمي نمبر 3

## صحيح جواب تي نشان لڳايو

1_ اسڪول کان واپسي ۾ جيڪڏهن گهر جي پرسان توهان کي ڪا اڃايل ٻلي ملي ته توهان.....



(الف) گهر هليا ويندو ۽ در بند ڪري ڇڏيندو

(ب) ان جي کائڻ پيئڻ لاءِ ڪجھ کڻي ايندؤ

2_جيڪڏهن توهان پاڙي واري کي ڪنهن ڪتي کي پٿر هڻندي ڏسو ته توهان....



(الف) پٿر کڻي توهان به ان کي هڻندؤ

(ب) ان پاڙي واري کي چوندؤ ته ڪتي کي نه مار

3_توهان کي هڪ زخمي ٽيل جهرڪي پارڪ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ته توهان....



(الف)جِهرڪيءَ تي توجهه نه ڏيندؤ

(ب)جِهرڪي کي کڻي ۽ ان جي زخمي حصي جي پٽي ڪندؤ

4_ جيڪڏهن توهان ڪوريئڙي کي پنهنجي گهر جي پِٽ/ ديوار تي ڏسو ته توهان....



(الف) ٻهارو کڻي ان کي ماري ڇڏيندؤ

(ب)ان کي پنهنجي ماحول ۾ وڃڻ ڏيندؤ

5_جيڪڏهن توهان کي سمنڊ پرسان واريءَ ۾ ڪميءَ جو گهر کُليل نظر اچي ته توهان....



(الف)ان کي واريءَ سان ڍڪي ڇڏيندو

(ب) ان مان بيضا کڻي هليا ويندؤ

6_جيڪڏهن توهان جهرڪين ۽ ڪبوترن کي وڻ تي ويٺل ڏسو ته توهان...



(الف) انهن کي داڻو وجهندؤ

(ب) انهن کي اتان اڏائڻ جي ڪوشش ڪندؤ



## سرگرمي نمبر 4

### ڪاچو کي رستو ڳولهڻ ۾ مدد ڪريو







## سرگرمي نمبر 5

# نقطا ملايو






## سرگرمي نمبر 6

جانورن جون ڏنل تصويرون ڪينچي جي مدد سان ڪٽي انهن کي صحيح جاءِ تي چنبڙايو .





# توهان جي ڄاڻ لاءِ



جانورن کي تنگ ڪرڻ جنهن سان ڪنهن جي دل آزاري ٿئي، اهڙن روين کي روڪڻ ۾ اسان جي مدد ڪيو.
توهان ڪڏهن ڪنهن کي جانورن سان خراب سلوڪ ڪندي ڏٺو آهي؟ ڪنهن پالتو جانور يا جهنگلي جيوت کي نقصان رسي رهيو هجي، توهان کي ان وقت دلي ڏک يا صدمو رسيو هجي، جنهن سبب توهان کي ڊپ يا ڪاوڙ ايندي هجي ۽ توهان کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هجي ته اِن پيدا ٿيندڙ مسئلي کي ڪيئن حل ڪجي، ڇاڪاڻ ته توهان ننڍڙا ٻار آهيو ۽ توهان ان سلسلي ۾ ڪجهه ڪرڻ جي طاقت نٿا رکو.
ته سيني لاءِ هڪ خُوشخبري اها آهي ته توهان جانورن جي مدد ڪري سگهو ٿا.

١) پنهنجي پاڙي ۾ موجود پالتو جانورن جي خبر لهو ته اهي ڪيئن ڏسڻ ۾ پيا اچن ۽ انهن سان ڪهڙو سلوڪ يا رويو اختيار ڪيو ويو آهي ۽ ان طرف ڌيان ڏيو ته ڪهڙي طرح سندن روين ۾ تبديلي اچي رهي آهي ان ڪانسواءِ جانورن کي زخم، مارڪٽ، انهن ۾ ڇچڙ / پسو يا بيماري پکيڙيندڙ جيت يا انهن جي ريشمي کَل سندن جي جسم تان غائب ته نه آهي، اهي سڀ عام ڌيان ڇڪائيندڙ نشانيون آهن، جنهن مان اهو معلوم ٿيندو آهي ته اهي جانور ڪنهن مصيبت يا تڪليف ۾ آهن پر انهن نشانين جو مقصد اهو ناهي ته اهي پالتو جانور هميشه تڪليف ۾ آهن مگر انهن نشانين کي نظرانداز به نٿو ڪري سگهجي. زخمي ٿيل ۽ اڻ واقف جانورن جي ويجهو نه وڃو ڇاڪاڻ توهان کي انهن مان نقصان پهچي سگهي ٿو. توهان مٿي ٻڌايل نشانين ۾ جانورن کي مارجندي / ڪُتجندي ڏسو ته پاڻ ڪجهه ڪرڻ جي بجاءِ ڪنهن وڏي کي ان بابت ٻڌايو.

٢) پنهنجي اردگرد جي پالتو جانورن جو گهٽي ڪان گهڻو خيال رکو ۽ ان ڳالهه جو پڻ خيال رکو ته انهن کي کاڌو، پاڻي ۽ رهڻ لاءِ گهرَ جي ڪنهن ڪُنڊ پاسي ۾ مناسب جڳهه ملي پئي. پنهنجي پالتو جانورن سان کيڏو ۽ انهن جا سٺا دوست ٿيو.

٣) جانورن جي ضرورتن جو هميشه خيال رکو ۽ ياد رکو ته توهان کي انهن جي مدد ڪرڻي آهي پنهنجي دوستن کي پڻ ان ڳالهه تي آڻيو ته اهي به پالتو ۽ جهنگلي جيوت جو خيال رکن، ان سلسلي ۾ اسڪول ڪان واپسي تي ۽ موڪل وارن ڏينهن ۾ جانورن جي سارسنڀار لاءِ ٿيندڙ سرگرمين ۾ حصو وٺو.





## پنهنجي راءِ کان اسان کي آگاه ڪريو

اسان هن شماري جي پڙهندڙن جي راءِ جو انتظار ڪنداسين ۽ خاص ڪري اسانکي اوسيئڙو رهندو پنهنجن ننڍڙن پڙهندڙن جو. توهان اسانکي نئين ايندڙ شماري لاءِ ڪهاڻيون يا پنهنجي ٺاهيل ڪنهن تصوير کي هيٺ ڏنل ائڊريس تي موڪلي سگهو ٿا :

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
پلاٽ 9، بلاڪ 7، ڪهڪشان ڪلفٽن 5 ، ڪراچي 75600 پاڪستان
اِي ميل: info@ecdpak.com

هي شمارو آر سي سي – اِي سي ڊي پروگرام تحت آغا خان فائونڊيشن ۽ ايمبيسي آف دي ڪنگڊم آف دي نيڊر لينڊ جي تعاون سان تيار ڪيو ويو آهي.
طباعت ۽ اشاعت: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن